


صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# اختياراتِ مصطفيٰ

**29-October-2020**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اجتماعِ ميلاد(1442ھ)، هفته وار اجتماع 29 آڪٽوبر2020 تي پاڪستان ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اختيارات مصطفيٰ ﷺ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ڳوهه جو ايمان افروز واقعو
- جيڪو چاهيو گهري وٺو
- حلال و حرام ڪرڻ جو اختيار
- سردي کي گرمي سان بدلي ڇڏيو
- ڪجورون ئي ڪجورون

پيشڪش: المدينة العلميه

(شعبه بياناتِ دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اختيارات مصطفيٰ ﷺ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

هڪ شخص جو بيان آهي: مان هڪ رات نماز پڙهندي تشھُّد ۾ بيڪسن جي مددگار، ٻنهي عالم جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پاڪ پڙهڻ وساري وينس ۽ مونکي ننڊ اچي وئي. خواب ۾ آقاءِ دوجهان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ديدار نصيب ٿيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: توڪان اڄ مون تي درود شريف پڙهڻ وسري ويو. مون

عرض ڪيو: يارسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! **مان الله جي ثناء ۾ مشغول هيس.** پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: چا توکي خبر ناهي تہ مون تي درود پاڪ پڙهڻ کان سواءِ **الله** پاڪ پنهنجي ثناء بہ قبول ناهي فرمائيندو، هو اهڙي ڪا دعا قبول ناهي ڪندو جنهن ۾ مون تي درود شريف نہ پڙهيو ويو هجي ۽ ڪا حاجت پوري ناهي ڪندو جيستائين مون تي درود پاڪ نہ پڙهيو وڃي، چا توهان **الله** پاڪ جو اهو مبارڪ فرمان ناهي ٻڌو؟ صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَ سَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا۝ ترجمو ڪنزالايمان: ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. (پ22، الاحزاب:56)

جہاں کے مولا جہاں کے سرور سلام تُم پر سلام تُم پر
طبیبِ عالَم حبیبِ داوَر، سلام تُم پر سلام تُم پر
تمہاری نورانیت سے اب تک ہیں عالَمِ نور، دونوں عالَم
تمہیں تو ہو نورو نورِ پیکر سلام تم پر سلام تم پر [1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

## ٻہ مدني گُل:

1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران

1... نغمۂ روح ،از:بہزاد لکھنوی،ص۴۱،پاکستان کوآپریٹوبک سوسائٹی،کراچی

علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُ الله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد**

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سڀ کان پهريان ته اسان کي الله پاڪ جو لک لک شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو جنهن اسان کي هڪ ڀيري ٻيهر ٻارهن (12) ربيعُ الاول جي مُقدّس نوراني رات نصيب فرمائي. اڄوڪي رات وڏي اهم رات آهي. اها رات وڏي عظيمُ الشّان آهي. اها رات گهڻي **فضيلتن ۽ برڪتن** واري مُقدّس رات آهي. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن کي ڪائنات جي سڀ کان وڏيڪ شان و شوڪت واري هستي سَيدُ الانبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت آهي. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جو جيڪا شبِ قدر کان به افضل آهي. (ماثبت بالسنة، ص ١٥٣) ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جو جنهن ۾ حضرت آمِنه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي رحمت ڀري گهر مان اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄي جهان کي جڳمڳائي ڇڏيو. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ هر پاسي خوشين جو بهارون اچي ويون. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ هر پاسي شادمانين جا ترانا وڄڻ لڳا . ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ هر پاسي نور جي روشني پکڙجي وئي. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ ڪفر و شرڪ جون سيئي ظلمتون ختم ٿي ويون. ❖ **اڄوڪي رات هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ الله پاڪ مومنن تي عظيم احسان فرمايو. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ شيطان پنهنجي ساٿين سان گڏ رُسوا ٿيو. ❖ **اڄوڪي رات** آسمان جا تارا به زمين ڏانهن مائل ٿيڻ لڳا. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جيڪا تمام راتين جي سردار آهي، ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ الله پاڪ

جي حڪم سان ملائڪن جي سردار جبرئيلِ امين عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اولھ اوڀر ۽ خانۂ ڪعبہ تي جھنڊا لڳايا. (خَصائصِ کبريٰ، ۸۲/۱ ملخصاً) ❖ **هي اها عظيم رات آهي جو جنھن ۾** **الله پاڪ جي محبوب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي تشريف آوري تي اِيران جي بادشاھ** **ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو ۽ ان جي محل** ۾ ڏار پئجي ويا، ❖ **هي اها** **عظيم رات آهي** جو جنھن ۾ اِيران جو هڪ هزار سال کان ٻرندڙ آتش ڪدو ازخود وسامي ويو. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنھن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا هئا. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنھن ۾ آسمان تان نور جي برسات ٿيڻ لڳي. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنھن ۾ ملائڪن بہ ٻنهي جهانن جي سرور، بي بي آمنہ جي **دلبر** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي آمد** **جون خوب خوشيون** ملهايون. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنھن ۾ مڪي مديني جي تاجدار،عرب و عجم جي شهنشاھ، شفاعت فرمائڻ واري، ڏُک درد کي دُور ڪرڻ واري، جنابِ احمدِ مجتبيٰ، **محمدٌ رَّسُولُ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي دنيا ۾** **تشريف آوري** ٿي ۽ جڏهن نور واري آقا، **مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **هن** **ڪائنات** ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ڪفر و شرڪ جون سموريون ظلمتون ختم ٿي ويون. **مولانا حسن رضا خان** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن برڪتن ڀري، عظمتن ڀري، رحمتن ڀري رات کان فيضان ماڻڻ جي لاءِ خوب فرمائن ٿا:

سحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ
کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ

ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ
عَدُو کے دل کو کٹاری ہے بارہویں تاریخ

ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں
خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ

تمام ہوگئی میلادِ انبیا کی خوشی
ہمیشہ اب تِری باری ہے بارہویں تاریخ

دلوں کے میل دُھلے گُل کِھلے سُرُور ملے
عجیب چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ

چڑھی ہے اَوج پہ تقدیر خاکساروں کی
خُدا نے جب سے اُتاری ہے بارہویں تاریخ

خُدا کے فضل سے ایمان میں ہیں ہم پورے
کہ اپنی روح میں ساری ہے بارہویں تاریخ

ولادتِ شہِ دیں ہر خُوشی کی باعث ہے ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُو نے غلاموں کے دل کئے ٹھنڈے جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حَسَن ولادتِ سرکار سے ہوا روشن مِرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ
(ذوقِ نعت، ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان ٻڌو تہ اڄوڪي رات هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾** نور واري آقا، **مڪي مديني واري مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **نور جي خيرات ورهائڻ ۽ جهان کي پنهنجي نور سان جڳمڳائڻ جي لاءِ هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا. اچو! پهريان اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ **جي عطا ڪيل مرحبا يا مصطفيٰ جي نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا. ٿي سگهي تہ مدني پرچم لهرائي خوب جوش و جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يا مصطفيٰ جون ڌُوم مچايو.**

سرڪار جي آمد مرحبا سردار جي آمد مرحبا
آمنه جي پياري جي آمد مرحبا رسولِ مقبول جي آمدمرحبا
پياري جي آمدمرحبا سٺي جي آمد مرحبا
سچي جي آمدمرحبا سهڻي جي آمد مرحبا
رسول جي آمد مرحبا مُختار جي آمدمرحبا
پرنور جي آمدمرحبا سراپا نور جي آمد مرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي "اختياراتِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ**" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ هڪ ڳوھ** (جانور) **نور واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي بارگاھ ۾ ايمان آڻڻ جو اعلان ڪيئن ڪيو؟ غريبن جي آقا،**

يتيمن جي والي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي غلامن جي ڪيئن اِمداد ڪن ٿا؟ اللہ پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي **شرعي احڪامات** ۾ تبديل ڪرڻ جو اِختيار عطا فرمايو آهي، اللہ پاڪ اسان جي نور واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي **زمين جي خزانن جو مالڪ** ڪيو، اللہ پاڪ حضورِ انور، آمِنہ جي دِلبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي موسم بدلڻ جو بہ اِختيار ڏنو، ان کان علاوه **اِختياراتِ مصطفيٰ** بابت ڪيئي اهم مفيد ڳالهيون ٻڌڻ جي سعادت بہ حاصل ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان جو اعلان ڪرڻ واري ڳوه

حضرت سيدُنا عبداللہ بن عُمَر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما کان روايت آهي تہ اسان ٻنهي جهانن جي داتا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي بارگاه ۾ حاضر هئاسين** تہ قبيلہ بني سُلَيم جو هڪ شخص ڳوه (هڪ جانور) جو شڪار ڪري ان کي لڪائي اتان کان لنگهيو، ان اسان جو اجتماع ڏسي ماڻهن کان پڇيو: اهي ڪير ماڻهو آهن؟ تہ ان کي ٻڌايو ويو تہ اها ان شخص جي مجلس آهي جيڪو هيئن چوي ٿو تہ مان اللہ جو رسول آهيان. اهو ٻڌي اهو پنهنجي سواري تان لهي ماڻهن جي وچان لنگهندي محبوبِ خدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاه ۾ حاضِر ٿي بدڪلامي ڪرڻ لڳو. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْه ان جي ان گستاخي کي ڏسي عرض ڪيو: يا رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! اجازت ڏيو! تہ مان ان جو سر قلم ڪيان. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اي عمر! ڇا توهان کي خبر ناهي تہ حِلم ۽ دَرگُذَر نبوّت جي وصفن مان آهي. پوءِ پاڻ ان ڏانهن متوجهہ ٿيا تہ اهو چوڻ لڳو: لات و عُزّيٰ (بُتن) جو قسم! مان اوهان تي هرگز ايمان نہ آڻيندس. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي اَعرابي! توکي هن ڳالهہ تي ڪنهن اڪسايو ۽ مجبور ڪيو تہ توهان اهڙو ڪلام ڪيو ۽ منهنجي مجلس جي عزت نہ ڪيو. اَعرابي چوڻ لڳو: لات و عُزّيٰ (بُتن) جو قسم! مان ان وقت اوهان تي ايمان آڻيندس جڏهن منهنجي هيءَ ڳوه (جانور) اوهان تي ايمان آڻي. اهو

چئي ان ڳوھ کي پنھنجي آستين مان ڪڍي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سامھون رکي ڇڏيائين. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڳوھ کي سڏيو تہ ان نھايت ادب سان عرض ڪيو: لَبَّيک وَسَعْدَيک يعني يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان حاضر آھيان ۽ مون کي پنھنجي ھن حاضري تي ناز آھي. تمام حاضرين ان جي اھا ڳالھ ٻڌي ۽ سمجھي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇا ڪئي: تنھنجو معبود ڪير آھي؟ عرض ڪيائين: منھنجو معبود اھو آھي جنھن جو عرش آسمان ۾ آھي ۽ انھيءَ جي بادشاھي زمين ۾ آھي، ان جي رَحمت جنّت ۾ ۽ عذاب جھنم ۾ آھي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي ڳوھ! اھو ٻڌائي تہ مان ڪير آھيان؟ ان وڏي آواز سان چيو: اَنْتَ رَسُوْلُ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ، وَخَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ يعني اوھان تمام جھانن جي رب جا رسول ۽ آخري نبي آھيو، قَدْاَفْلَحَ مَنْ صَدَّقَكَ جنھن اوھان جي تصديق ڪئي اھو ڪامياب ٿي ويو، وَقَد خَابَ مَنْ كَذَّبَک ۽ جنھن اوھان کي نہ مڃيو اھو نامراد ٿي ويو. اھو مَنظر ڏسي اعرابي يعني ڳوناڻو ايتري قدر مُتَاثِّر ٿيو جو يڪدم ڪلمو پڙھي مسلمان ٿي عرض ڪرڻ لڳو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان جنھن وقت آيو ھئس تہ منھنجي نظر ۾ رُوءِ زمين تي اوھان کان وڌيڪ ناپسند انسان ڪو نہ ھو پر ھن وقت منھنجو اھڙو حال آھي جو اوھان منھنجي ويجھو منھنجي جان ۽ منھنجي والدين کان بہ وڌيڪ پيارا آھيو. رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: خُدا جي لاءِ حمد آھي جنھن تو کي اھڙي دين جي ھدايت ڏني جيڪو ھميشہ غالب رھندو ۽ ڪڏھن مغلوب نہ ٿيندو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي سوره فاتحہ ۽ سوره اخلاص جي تعليم ڏني تہ اھو قرآنِ ڪريم جي انھن ٻن سورتن کي ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو: مان وڏا وڏا فصيح و بليغ (پيارو)، ڊگھي ۽ مختصر ھر قسم جي ڪلامن کي ٻڌو آھي پر خُدا جو قسم! مون اڄ تائين ھن کان وڌيڪ ۽ ھن کان بھتر ڪلام ڪڏھن ناھي ٻڌو.[1]

[1] … معجم اوسط،ج4،ص283،حديث:5996 مختصراً

تمہاری چمک تمہاری دمک تمہاری جھلک تمہاری مہک
زمین و فلک سِماک و سمک میں سکہ نشاں تمہارے لئے

یہ شمس و قمر یہ شام و سحر یہ برگ و شجر یہ باغ و ثمر
یہ تیغ و سپر یہ تاج و کمر یہ حکم رواں تمہارے لئے [1]

**شعرن جي مختصر وضاحت:** يارسول الله! اوهان جي چمڪ، اوهان جي رونق، اوهان جو جلوو، اوهان جي خوشبو،زمين و آسمان ۾ ۽ بلندي ۽ پستي ۾ هر هنڌ اوهان جي حڪومت ۽ سڪو رائج آهي جو اوهان جي مهر ڪان بنا ڪنهن سڪي جي ڪا قيمت نہ آهي. اهو چنڊ ۽ سج، صبح و شام اهي وڻ ۽ پن، اهي ميوا ۽ باغ اهي ڍال ۽ تلوار اهو تاج شاهي اوهان جي لاءِ اوهان جي حڪم سان جاري و ساري آهن. تمام جهانن جي حڪمراني ڪنهن جي آهي يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان ئي جي تہ آهي.

آقا جي آمد مرحبا    داتا جي آمد مرحبا
موليٰ جي آمد مرحبا    اَوليٰ جي آمد مرحبا

**پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ پنهنجي آخري نبي، محمدِ عربي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي زمين و آسمان جي حڪومت عطا فرمائي آهي، تنهنڪري سندن حڪومت جتي انسانن تي آهي تہ اتي جنّن تي بہ آهي. سندن حڪومت زمين تي هلندڙ جانورن تي بہ آهي تہ فضا ۾ اُڏامندڙ پکين تي بہ. سندن حڪومت وڻن تي بہ آهي تہ پٿرن تي بہ. سندن حڪومت فرش تي آهي تہ عرش تي بہ. اَمِيرِ اَهلِسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت مولانا الياس عطار قادِري** دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه **اِختياراتِ مصطفيٰ کي شعرن ۾ تمام عمدگي سان بيان ڪيو آهي، پنهنجي نعتيہ**

[1] ۔۔۔حدائق بخشش،ص۳۴۸ ۔

دِيوان"**وسائلِ بخشش**" ۾ لکن ٿا:

تِری فرش پر حکومت تِری عرش پر حکومت
تُو شہنشہِ زمانہ مدنی مدینے والے
بَعطائے ربِّ حاکم تُو ہے رِزق کا بھی قاسِم
ہے تِرا سب آب و دانہ مَدنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! هڪ ڳوهه** (جانور) **کهڙي طرح پياري آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي سوالن جو جواب ٻڌو ۽ نه صرف الله پاڪ جي معبود هئڻ جي گواهي ڏني، بلڪ پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي الله پاڪ جي رسول هئڻ جي شهادت به ڏني. اهو اسان جي آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو شان آهي جو سرڪش جنّن ۽ انسانن سان گڏ سمورا جاندار به پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي رسول مڃن ٿا. جيئن ته**

**حضرت جابر بن عبدالله** رَضِیَ اللهُ عَنْه **فرمائن ٿا: اسان نبين جي سردار، مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سان گڏ سفر تان واپس موٽندي** (قبيلي) **بنو نَجّار جي هڪ باغ وٽ پهتاسين ته اسان کي خبر پئي ته باغ ۾ هڪ سرڪش اُٺ آهي جيڪو ڪنهن کي به باغ ۾ اچڻ نٿو ڏئي، جيڪو داخل ٿيڻ چاهي ٿو ان تي حملو ڪري ٿو.**

**حضرت جابر** رَضِیَ اللهُ عَنْه **بيان ڪن ٿا ته ماڻهن ان ڳالهه جو ذڪر نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سان ڪيو ته پاڻ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تشريف فرما ٿيا ۽ باغ ۾ داخل ٿي اُٺ کي سڏرايو ته اهو پنهنجي گردن کي جهڪائيندي ادب سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. پوءِ تاجدارِ عالم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اٺ جي لغام گهرائي اٺ جي ڳچي ۾ وِڌي، ۽ ان کي سندن مالڪ جي حوالي ڪيائون، پوءِ رسول اڪرم**

ﷺ ماڻهن ڏانهن متوجهہ ٿيندي فرمايو: بيشڪ زمين و آسمان ۾ سرڪش جنّن ۽ انسانن ڪان علاوه هر شيء اهو تسليم ڪري ٿي تہ مان اللّٰہ جو رسول آهيان.[1]

اي عاشقانِ رسول! اللّٰہ پاڪ پنهنجي آخري نبي، محمدِ عربي ﷺ کي پنهنجي خزانن جون ڪنجيون عطا ڪيون ۽ تمام جهانن کي حضوراڪرم ﷺ جي تصرف ۾ ڏنو آهي تہ اوهان جنهن کي جيڪو چاهيو ڏئي ڇڏيو .

اِنہیں خدا نے کیا اپنے مُلک کا مالک اِنہیں کے قبضے میں رب کے خزانے آئے ہیں[2]

مفتي امجد علي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: حضورِ اقدس ﷺ اللّٰہ پاڪ جا نائبِ مطلق آهن، سمورا جهان حضور ﷺ جي اختيار ۾ ۽ سندن حڪم هيٺ ڏئي ڇڏيا آهن، جيڪو چاهين ڪن، جنهن کي جيڪو چاهين عطا ڪن، جنهن ڪان جيڪو چاهين واپس وٺن، تمام جهان ۾ سندن حڪم کي ڦيرڻ وارو ڪير ناهي، سڄو جهان سندن حڪم هيٺ آهي ۽ هو پنهنجي رب ڪانسواءِ ڪنهن جا محڪوم نہ آهن، تمام انسانن جا مالڪ آهن، سڄي زمين ان جي مِلڪ آهي، تمام جنت ان جي جاگير آهي، آسمان ۽ زمين جون سلطنتون حضور ﷺ جن جي فرمان هينان، جنت ۽ دوزخ جون ڪنجيون مبارڪ هٿ ۾ ڏنيون ويون، رزق ۽ خير ۽ هر قسم جون عطائون، حضوراڪرم ﷺ جي دربار مان عطا ٿينديون آهن، دنيا ۽ آخرت حضور جي عطا جو هڪ حصو آهي.[3] رَسُولُ اللّٰہ ﷺ پنهنجي رَب جي عطا سان مالڪِ جنّت آهن، جنّت

[1]... مسند امام احمد بن حنبل،ج:۳، ص:۳۱۰۔

[2]...سامانِ بخشش، ص۱۳۹۔

3... بہارِ شریعت، ۱/۸۱-۸۳،حصہ:۱۔

عطا کندڙ آهن، جنهن کي چاهين عطا کن.[1] بخاري شريف جي حديث نمبر 71 ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَّاللهُ يُعْطِي يعني الله عَطا ڪري ٿو ۽ مان تقسيم ڪيان ٿو.[2]

سچی بات سکھاتے یہ ہیں سیدھی راہ دکھاتے یہ ہیں
اِنَّآ اَعْطَیْنٰکَ الْکَوْثَرَ ساری کثرت پاتے یہ ہیں
رَبّ ہے مُعْطی یہ ہیں قاسِم رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں
ماں اِکلوتے کو جب چھوڑے آآ کہہ کہ بُلاتے یہ ہیں
باپ جہاں بیٹے سے بھاگے لطف وہاں فرماتے یہ ہیں
اُس کی بخشش اِن کا صَدقہ دیتا وہ ہے دِلاتے یہ ہیں
مرقد میں بندوں کو تھپک کر میٹھی نیند سلاتے یہ ہیں
خود سجدے میں گِر کر اپنی گرتی اُمت اُٹھاتے یہ ہیں
کہدو رضاؔ سے خوش ہو خوش رہ مُژدہ رضا کاسناتے یہ ہیں[3]
سچی بات سکھاتے یہ ہیں سیدھی راہ دکھاتے یہ ہیں
اِنَّآ اَعْطَیْنٰکَ الْکَوْثَرَ ساری کثرت پاتے یہ ہیں
رَبّ ہے مُعْطی یہ ہیں قاسِم رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں
ماں اِکلوتے کو جب چھوڑے آآ کہہ کہ بُلاتے یہ ہیں
باپ جہاں بیٹے سے بھاگے لطف وہاں فرماتے یہ ہیں

1... فتاویٰ رضویہ، ۱۴/ ۶۶۷۔

2... بخاری،کتاب العلم،باب من یرد اللہ بہ خیرا یفقہ فی الدین،۴۲/۱، حدیث:۷۱۔

3... حدائقِ بخشش،ص۴۸۱-۴۸۲۔

مڪي جي آمد مرحبا مَدَني جي آمد مرحبا
عَرَبي جي آمد مرحبا قُرَشي جي آمد مرحبا
هاشِمي جي آمد مرحبا مُطَّلِبي جي آمد مرحبا

**اي عاشقانِ ميلاد! اسان جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي عطا کھڙي آھي. ھو گھرڻ واري کي ڪيئن نوازيندا آھن. ھو ڪيئن ان جون جھوليون ڀريندا آھن، ھو ڪيئن انھن کي جنت جي خوشخبري ٻڌائيندا آھن. اچو ٻڌون ٿا:**

**حضرتِ سَيدُنا رَبِيعہ بن ڪعب اَسلَمي** رَضِیَ اللهُ عَنه **فرمائن ٿا: مان رات حضورِ سراپا نور** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي خدمت ۾ گذاريندو ھئس. ھڪ رات مان پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **وٽ وضو جو پاڻي ۽ ٻيون ضرورت جون شيون کڻي حاضر ٿيس تہ رحمتِ عالم، محبوبِ رب اعظم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو: سَلْ! يعني گھر ڇا ٿو گھرين؟ مون عرض ڪيو:** اَسْئَلُكَ مُرَافَقَتَكَ فِي الْجَنَّة **يعني سرڪار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جنّت ۾ اوھان جو پاڙو گھرجي.** (جڻ عَرض ڪري رھيا آھن:)

تجھ سے تجھی کو مانگ لوں تو سب کچھ مل جائے
سو سوالوں سے یہی ایک سوال اچھا ہے

**رَحمت جو دريا وڏيڪ جوش ۾ آيو ۽ فرمايائون:** اَوَغَيْرَ ذٰلِكَ؟ **يعني ڪجھ ٻيو گھرجيو؟ مون عرض ڪيو: بس صرف اھو ئي.**

تجھ سے تجھی کو مانگ کر مانگ لی ساری کائنات
مجھ سا کوئی گدا نہیں، تجھ سا کوئی سخی نہیں

**جڏھن حضرتِ سَيدُنا رَبِيعہ بِن ڪعب اَسلَمي** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ **جنت جي رَفاقت** (پاڙو) **طلب ڪري چڪو ۽ وڏيڪ ڪنھن حاجت جي طلب ڪرڻ کان اِنڪار ڪري**

ڇڏيائون، تہ ان تي سرڪارِ نامدار، دوعالم جي مالِڪ ومختار، شهنشاھ اَبرار صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو:** فَاَعِنِّیْ عَلٰی نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُوْد **يعني پنهنجي نفس تي ڪثرتِ سُجُود** (يعني وڌيڪ نفلن) **سان منهنجي مدد ڪر.**[1]

دو جہاں میں کوئی تم سا دوسرا ملتا نہیں

ڈھونڈتے پھرتے ہیں مہر و مہ پتا ملتا نہیں

نعمتِ کونین دیتے ہیں دوعالم کو یہی

مانگ دیکھو ان سے تم دیکھو تو کیا ملتا نہیں [2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**شعر جي مختصر وضاحت: يا رسول الله** صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **اوهان جي ذات بي مثل ۽ بي مثال آهي اهڙي بي مثال جو اوهان جهڙو ٻيو ڪو ملندو ئي نہ ۽ اوهان جي حسن و انوار کي چنڊ سج ڳولهيندا رهندا آهن پر انهن کي اوهان جي حقيقت جو پتو ناهي ملي رهيو.**

## جيڪو وٺي گهري وٺو

**سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! هن حديثِ مبارَڪ تہ ايمان ئي تازو ڪري ڇڏيو. حضرت سَيِدُنا شيخ عبد الحق محدث دِهلوي** رَحْمَۃُ اللہ عَلَیہ **فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جو بنا ڪنهن قيد ۽ ڪنهن شيء کي خاص ڪرڻ بغير مُطلَقًا فرمائڻ: سَلْ؟ يعني گهر، ڇا ٿو گهرين؟ هن ڳالھ کي ظاهر ڪري ٿو تہ سمورا ئي مُعاملات سرورِ ڪائنات، شاھ موجودات** صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جي مبارَڪ هٿ ۾ آهن، جيڪو چاهين جنهن کي چاهين، جڏهن چاهين، پنهنجي ربّ ڪريم**

---

[1] ... فيضانِ رمضان ،ص 82بحوالہ مسلم ص۲۵۳ حديث ۴۸۹

[2] ...سامانِ بخشش،ص۱۲۹۔

جي حڪم سان عطا ڪري ڇڏين.[1]

رُسل اُنہیں کا تو مُژدہ سنانے آئے ہیں | اُنہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں
فرشتے آج جو دُھومیں مچانے آئے ہیں | اُنہیں کے آنے کی شادی رَچانے آئے ہیں
یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں | یہ حق کے بندوں کو حق سے ملانے آئے ہیں
یہ بھولے بچھڑوں کو رَستے پہ لانے آئے ہیں | یہ بھولے بھٹکوں کو ہادی بنانے آئے ہیں
اِنہیں خدا نے کیا اپنے مُلک کا مالک | اِنہیں کے قبضے میں رب کے خزانے آئے ہیں
جو چاہیں گے جسے چاہیں گے یہ اسے دیں گے | کریم ہیں یہ خزانے لُٹانے آئے ہیں
سُنو گے ”لا“ نہ زبانِ کریم سے نوری | یہ فیض وجُود کے دریا بہانے آئے ہیں[2]

سلطان جي آمد مرحبا | ذيشان جي آمد مرحبا
غيب دان جي آمد مرحبا ا | آقاءِ عطارؔ جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول!ٻنهي جهانن جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي الله پاڪ اهي اختيار عطا ڪيا آهن جنهن جي ڪا انتها ناهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو وَ مَاۤ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِیْدُ الْعِقَابِ ۘ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جو ڪجھ توهان کي رسول عطا فرمائي اهو وٺو ۽ جنهن کان منع فرمائي انهيءَ کان رڪجي وڃو ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي. (پ 28، سوره حشر،آيت7) يعني رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توهان کي جيڪو حڪم ڏين ان جي اِتّباع ڪيو ڇاڪاڻ ته هر حڪم ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

---

1... اَشِعَّةُ اللَّمعات ج ١ ص ۴۲۴، ۴۲۵ وغيره
2... سامانِ بخشش، ص١٣٩۔

وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت واجب آهي ۽ جنهن کان منع فرمائن ان کان پري رهو.[1]

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي عطا سان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اهو اختيار بہ حاصل آهي تہ جنهن شيءِ کي چاهين فرض، واجب يا ناجائز و حرام ڪري ڇڏين ۽ ڪنهن عام حڪم مان جنهن کي چاهين مستثنيٰ (جدا) ڪري ڇڏين. رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خصوصيتن مان اها هڪ عظيمُ الشّان خصوصيت آهي جنهن کي وڏن وڏن عالمن، فقهين، مُفسّرن، مُحدّثن ۽ مجتهدن بيان ڪيو آهي. امامِ اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: آئمہءِ مُحَقِّقِين تصريح (يعني واضح طور تي) فرمائن ٿا تہ احڪامِ شريعت حضور سيدِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حوالي آهن، جيڪا ڳالهہ چاهين واجب ڪن، جيڪو چاهين ناجائز ڪري ڇڏين، جنهن شيءِ يا جنهن شخص کي جنهن حڪم وغيره سان چاهين مُستَثنيٰ(يعني جدا) ڪن.

الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ان خصوصي اختيار (Special Authority) بابت دليل قرآن ۽ حديث مان مُلاحَظَہ فرمايو:

## حلال يا حرام ڪرڻ جو اختيار

قرآنِ ڪريم جي ڪيئي آيتن ۽ ڪثير حديثن مان ثابت آهي تہ رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنهن شيءِ کي چاهين حلال يا حرام، فرض يا واجب فرمائن.

الله ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون بہ صفتون هي بيان ڪيون آهن:

وَ یُحِلُّ لَهُمُ الطَّیِّبٰتِ وَ یُحَرِّمُ عَلَیْهِمُ الْخَبٰٓىٕثَ

(پاره 9،سورهٔ اعراف، آيت 157)

ترجموڪنزالايمان: ۽ سُٺيون پاڪ شيون انهن جي واسطي حلال فرمائيندو ۽ پليت شيون انهن تي حرام ڪندو.

---

1... تفسير صراط الجنان، ج١٠،ص٥٥۔

حديثِ مبارڪ ۾ آهي: اِنِّي حَرَّمْتُ كُلَّ مُسْكِرٍ يعني بيشڪ نشو آڻڻ واري هر شيء مون حرام ڪري ڇڏي آهي.[1]

❖ **رسول ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو ڪنهن شيء کي حلال قرار ڏيڻ ۽ ڪنهن کي حرام قرار ڏيڻ اها خصوصيت رکڻو ڪجھ احڪام جي لاءِ نہ هئي بلڪ** سڀني احڪامن جي لاءِ عام هئي. نہ صرف ايترو بلڪ منهنجي آقا و مولا **محمدِ عربي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي ايتري تائين اختيار عطا فرمايو ويو جو پاڻ جيڪو حڪم چاهين، جنهن جي لاءِ چاهين خاص ڪري ڇڏين. جيئن تہ**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو پاڻ **هڪ صحابي جي لاءِ پنج جي بدران ٻہ نمازون فرض ڪري ڇڏيون.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو اڪيلي **ابوبُردَہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **جي لاءِ 6 مهيني جي ٻڪري جي قرباني جائز قرار ڏئي ڇڏي.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **حضرتِ خُزيمہ بن ثابت** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **جي شاهدي ٻن ماڻهن جي برابر ڪري ڇڏي.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **حرم مڪہ ۾ اِذخر ٻُوٽي جي ڪٽڻ کي حلال ڪري ڇڏيو.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **پاڻ خود ريشم کي حرام قرار ڏئي ڇڏيو ۽ انهيء حرمت کي حضرت زبير بن عوام ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف** رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن **جي حق ۾ حلال قرار**

---

[1] ...نسائی ، ص۸۶۶ ، حدیث :۵۶۱۴ ۔

ڏئي ڇڏيو.

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو حضرت اَسماء بنت عُميس جي لاءِ مڙس جي وفات جي عدّت 3 ڏينهن مقرر ڪئي.

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو قرآنِ پاڪ جي سورت سيکارڻ حق مهر قرار ڏئي ڇڏيو.

❖ اهو شرعي اختيار ﺑﻪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو حضرت بَراء رَضِیَ اللهُ عَنْه کي سون (Gold) جي منڊي پائڻ جي اجازت عطا ڪئي.

❖ اهو اختيار ﺑﻪ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو حضرتِ سُراقہ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي لاءِ سون جا ڪنگڻ پائڻ کي جائز قرار ڏنو.

❖ اهو اختيار ﺑﻪ رحمت عالم ئي کي حاصل هو جو لٿل سج کي ٻيهر واپس موٽائي ڇڏيو.

❖ اهو اختيار ﺑﻪ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو چنڊ جا ﺑﻪ ٽڪر ڪري ڇڏيا.

❖ اهو اختيار ﺑﻪ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو چنڊ سندن آڱر جي اشاري سان هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويندو هو.

چاند جھک جاتا جدھر انگلی اٹھاتے مہد میں　　کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کھلونا نور کا

❖ اهو اختيار ﺑﻪ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو سندن آڱرين مان پاڻي جا چشما جاري ٿي ويا.

❖ اهو اختيار ﺑﻪ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو پاڻ حَبيب بن يساف جو ڪپيل هٿ جوڙي ڇڏيو.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو پاڻ حضرتِ عبداللّٰه جي ٽٽل پيڏي کي جوڙي ڇڏيو.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو پاڻ غزوۀ بدر ۾ حضرتِ عُکاشہ کي ڪاٺي عطا فرمائن ٿا تہ اها تلوار بڻجي وڃي ٿي .

شاہِ کونین جلوہ نما ہو گیا　　رنگ عالَم کا بالکل نیا ہو گیا
ایسا اعزاز کس کو خدا نے دیا　　جیسا بالا ترامر تبہ ہو گیا
ایسی نافذ تمہاری حکومت ہوئی　　تم نے جس وقت جو کچھ کہا ہو گیا[1]

شه ڪون ومڪان جي آمد مرحبا　　محبوبِ رب جي آمد مرحبا
سلطانِ عَرب جي آمد مرحبا　　رسولِ اڪرم جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب !　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زمين جي خزانن جا مالڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي رب وٽ اهو ڪمال حاصل آهي جيڪو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پهريان ڪنهن بہ نبي کي حاصل نہ هو. اللّٰه پاڪ زمين جي خزانن جون ڪنجيون حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيون آهن جيئن تہ

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مان ستو پيو هئس تہ زمين جي تمام خزانن جون چابيون آڻي منهنجي ٻنهي هٿن ۾ رکيون ويون.[2] هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

1...قبالۂ بخشش، ص۴۴۔

2... بخاری،کتاب الاعتصام، ج ۴،ص۵۴، دار طوق النجاة،صحیح مسلم کتاب المساجد،ج۱، ص۳۷۲، داراحیاء

وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: مون کي اهو ڪجهه عطا ٿيو جيڪو پهريان ڪنهن نبي کي عطا نہ ٿيو، رُعب ڪان منهنجي مدد فرمائي وئي ۽ مون کي سڄي زمين جون ڪنجيون عطا ڪيون ويون.[1]

محبوب کیامالک ومختار بنایا ۔۔۔ کنجی تمہیں دی اپنے خزانوں کی خدا نے
کونین کی خاطر تمہیں سرکار بنایا[2] ۔۔۔ کونین بنائے گئے سرکار کی خاطر

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! ۔۔۔ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هٿ جي برڪت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جڏهن ڪنهن ٻانهي کي ڪا نعمت ڏيندو آهي تہ ان کي ان جي استعمال جو اِختِيار بہ ڏيندو آهي، جيئن تہ اسان کي اکيون ڏنيون ويون آهن تہ اهو اختيار بہ ڏنو ويو آهي تہ جڏهن چاهيون بند ڪريون جڏهن چاهيون کليل رکون. جيئن تہ

الله پاڪ جڏهن پنهنجي محبوب کي سموريون نعمتون عطا ڪيون آهن تہ هر شيءِ ۾ خيرِ ڪثير سان گڏوگڏ زمين جي سموري خزانن جون ڪنجيون بہ عطا ڪيون آهن ۽ اهو اختيار بہ عطا فرمايو آهي تہ جنهن کي چاهين دنيا جي دولت ڏئي غني ڪري ڇڏين ۽ جنهن کي چاهين آخرت جي نعمت ڏئي الله جو ولي ڪري ڇڏين. چاهين تہ پنهنجي برڪت سان مڻ برابر شيءِ کي گهٽي ڪري ڇڏين. جيئن تہ

حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: منهنجي آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو تہ منهنجي والده اُمِّ سُلَيم مون کي چيو: ڇا اسان پياري آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ ڪجهه نذرانو نہ موڪليون؟ مون عرض ڪيو: جي بلڪل! ائين ضرور ڪيو. تہ

1... مسند احمد بن حنبل ،ج٢، ص١٥۶، مؤسسة الرساله بيروت
2... ذوقِ نعت ص ۴٧

منهنجي والده ڪجور، گيهه ۽ پنير وٺي حلوو ٺاهيو، پوءِ ان کي هڪ ٿانوءَ ۾ وجهي چيائون: اي اَنس! اهو ٿانءُ منهنجي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ کڻي وڃ ۽ عرض ڪجان: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهو منهنجي امڙ موڪليو آهي، انهن اوهان جي خدمت ۾ سلام پيش ڪيو آهي ۽ عرض ڪيو آهي ته اهو معمولي تحفو اسان جي طرفان قبول فرمايو. فرمائن ٿا: مان حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس ۽ امڙ جيڪو چيو هو اهو عرض ڪيو ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هن کي رکو. پوءِ فرمايائون: وڃ ۽ فلاڻي فلاڻي کي سڏي اچ، ۽ ان کان علاوه جيڪو به توهان کي واٽ ۾ ملي ان کي به دعوت ڏجو. مان نڪتس ۽ جن جن جو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نالو ورتو هو، انهن کي دعوت ڏني ۽ انهن کي به دعوت ڏيندو رهيس جيڪي مون کي واٽ ۾ مليا. جڏهن واپس گهر موٽيس ته ڏسان ٿو ته گهر صحابهِ ڪرام سان ڀريل هو. هتي حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان پڇيو ويو ته ماڻهن جو تعداد ڪيترو هو؟ فرمايائون: ٽي سو(300). فرمائن ٿا ته پوءِ مون سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏٺو ته پاڻ پنهنجو مبارڪ هٿ ان حلوي تي رکيو ۽ جيڪو الله چاهيو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهيو. پوءِ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏهه ڏهه ماڻهن کي سڏائڻ شروع ڪيو، اهي ان ٿانوَ مان کائيندا هئا ۽ پاڻ انهن کي فرمائيندا هئا ته الله جو نالو وٺو ۽ هر شخص پنهنجي طرف کان کائي. فرمائن ٿا ته انهن سيني پيٽ ڀري کاڌو. هڪ ٽولو نڪرندو هو ته ٻيو داخل ٿي ويندو هو، ايستائين جو سيني کائي ورتو ته مون کي فرمايائون: اي اَنس! ٿانوَ کڻي وٺو، مون کڻي ورتا، مون کي خبر ناهي ته حلوو ان وقت وڌيڪ هو جڏهن مون رکيو، يا ان وقت جڏهن مون ان کي کنيو هو.[1]

کردیا اپنے خزانوں کا خدا نے مالک بے طلب جس کو جو چاہیں عطا کرتے ہیں

میں تیری دَین کے قرباں کہ تیرے منگتا تجھ سے جو چاہتے ہیں مانگ لیا کرتے ہیں[2]

---

1... بخارى،ح۵۱۶۳،ص۱۳۲۳،دارالمعرفه،مشكاة المصابيح،كتاب احوال القيامة،ح۵۹۱۳،ج۴، ص۳۹۱،دارالكتب العلميه،بيروت

2... قبالۂ بخشش،ص186

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي اهي ئي انس بن مالڪ** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **آهن جن جي والده اُمِّ سُلَيم سندن کي بارگاهه نبوي ۾ ڪٺي حاضر ٿين ٿيون ۽ عرض ڪن ٿيون: يا رَسُولَ الله**صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ**! هيءُ منهنجو پٽ اوهان جو خادم آهي. اوهان ان جي لاءِ دعا ڪريو. اهو ٻڌي حبيبِ مڪرم رحمتِ عالم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ **جن دعا فرمائي: اي الله! ان جي مال ۾ برڪت عطا فرماءِ ان جو مال وڌاءِ ، ان جي اولاد ۾ اضافو فرما ۽ جيڪو تو اَنس کي عطا فرمايو آهي ان ۾ برڪت ڏي.**[1]

**اها دعا اهڙي مقبول ٿي جو عام باغن ۾ سال ۾ هڪ ڀيري ميوو ٿيندو هو پر حضرت اَنس بن مالڪ** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **جي باغن ۾ سال ۾ ٻه ڀيرا ٿيندو هو، اولاد ۾ اهڙي برڪت ٿي جو سندن** 128 **پٽ ۽** 2 **نياڻيون پيدا ٿيون ۽ پوٽا پوٽين جو تعداد معلوم ناهي ۽ سندن** 99 **سال عمر ٿي. اهي سڀئي برڪتون حبيبِ خدا جي دعا سبب مليون.**[2]

نہ ہے تم سانہ کوئی ہو گا آگے | نہ اے آقا کوئی تم سا ہوا ہے
تری مرضی رضائے حق ہے مولیٰ | رضائے حق تری مرضی شہا ہے[3]

اعليٰ جي آمد مرحبا | والا جي آمد مرحبا
بالا جي آمد مرحبا | پيشوا جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شهنشاهِ ختم نبوت** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ **جو شان نرالو آهي. سندن وٽ اهي اختيار آهن جو پاڻ جڏهن چاهين جيڪو چاهين تصرف ڪري سگهن ٿا، ايستائين جو پاڻ سڳورن** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ **جي اختيارات کي شمار ڪرڻ ممڪن ناهي. الله پاڪ سندن کي اهڙا هٿ عطا ڪيا آهن جو جيڪي بظاهر ته خالي آهن پر انهن هٿن ۾ ٻنهي جهانن جون نعمتون آهن:**

---

1... مشکوة ، ص۵۷۵۔
2... مرقاة ،شرح مشکوة، ص۴۱۶،ج۱۱
3... سامانِ بخشش، ص۲۱۴

- ❖ اهي هٿ هزارن جون جهوليون ڀري ڇڏيندا آهن.
- ❖ انهن مبارڪ هٿن ۾ جيڪر پٿريون اچن ته اهي ڪلمو پڙهڻ لڳنديون آهن.
- ❖ انهن مبارڪ هٿن ڪي جيڪڏهن ٿوري پاڻي ۾ وجهن ته انهن جي آڱرين مان چشما جاري ٿي ويندا آهن.
- ❖ اهي هٿ جيڪر ٻڪري جي خشڪ ٿڻن تي لڳن ته اهي کير سان ڀرجي ويندا آهن.
- ❖ ان مبارڪ هٿن جي آڱر ڪڇي ته چنڊ جا ٻه ٽڪر ٿي ويندا آهن.
- ❖ انهيء هٿ سان سج ڪي اشارو ڪن ٿا ته اهو واپس موٽي اچي ٿو.
- ❖ اهي ئي هٿ جيڪر ٽٽل پيڏي تي ڦيرن ٿا اها پهريان جيان نيڪ ٿي وڃي ٿي.
- ❖ انهيء هٿ جون آڱريون جڏهن آسمان ڏانهن اٿن ٿيون ته ڪڪر اچي وڃن ٿا ۽ برسات وسڻ لڳي ٿي.
- ❖ هي ئي هٿ جيڪڏهن ڪنهن ڪاڏي تي لڳي وڃن ٿا ته ان ۾ اهڙي برڪت ٿئي ٿي جو اهي سوين ماڻهن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو آهي.
- ❖ اهي ئي هٿ جيڪر الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دُعا جي لاءِ ڪڄن ٿا ته دعا قبول ٿي وڃي ٿي.
- ❖ اهي ئي هٿ جيڪڏهن دسترخوان ڪي لڳي وڃن ته ان ڪي باهه نه ساڙيندي.

اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا　　بڑھی ناز سے جب دعائے مُحَمَّدْ
اِجابَت کا سَہرا عِنایت کا جوڑا　　دُلہن بن کے نِکلی دعائے مُحَمَّدْ [1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب !　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجورن ۾ ايتري برڪت!!!

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ هڪ لڙائي ۾ صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان وٽ کاڌي جي ڪمي ٿي پئي تہ حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ مون کي ارشاد فرمايو: اي ابو هريره ! توهان وٽ کاڌي جي لاءِ ڪجھ آهي ؟ مون عرض ڪيو: منهنجي ٿيلهي ۾ ڪجھ ڪجورون آهن. ارشاد فرمايائون: کڻي اچو. مان ٿيلهي کڻي حاضر ٿيس تہ ارشاد فرمايائون: دستر خوان بہ کڻي اچو، پوءِ مون دستر خوان آڻي وڇايو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ڪجورون ڪڍيون تہ اهي 21 هيون. پاڻ سڳورن بِسْمِ الله پڙهي ۽ هڪ هڪ ڪجور کي پنهنجي مقدس هٿ ۾ وٺي بِسْم الله پڙهندا رهيا ايستائين جو سيئي ڪجورون سندن مبارڪ هٿ اچي ويون. پوءِ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي گڏ ڪري ارشاد فرمايائون: فُلاڻي ۽ انهن جي ساٿين کي گهرايو. مان انهن کي سڏي آيس تہ انهن کائڻ شروع ڪيو ايستائين جو اهي پيٽ پري کائي هليا ويا. پوءِ فرمايائون: فُلاڻي ۽ ان جي ساٿين کي سڏيو. اهي ماڻهو بہ پيٽ پري کائي هليا ويا، پوءِ فرمايائون: فُلاڻي ۽ ان جي ساٿين کي سڏيو. اهي سيئي بہ پيٽ پري کائي هليا ويا پر ڪجورون پوءِ بہ بچي ويون. ان کان پوءِ مون کي ارشاد فرمايائون: ويهو. مان ويهي رهيس پوءِ اهي ڪجورون حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ۽ مون کاڌيون ۽ جيڪي ڪجورون باقي بچيون انهن کي حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مون کي فرمايائون: جڏهن ڪڍڻ چاهيو تہ پنهنجو هٿ وجهي ڪجورون ڪڍندو رهجان پر ٿيلهي کي ڪڏهن اونڌو نہ ڪجان. بلڪ مون ان مان پنجاھ وسق(هڪ

1... حدائقِ بخشش، ص۶۶

وسق ۾ 60صاع ٿيندا آهن ۽ هڪ صاع 3ڪلو840 گرام جو ٿيندو آهي، اهڙي طرح هڪ وسق230 ڪلو 400 گرام جو ٿيو ۽ پنجاهه وسق11.520 ڪلو جو ٿيو) [1] **کجورون راهه خدا ۾ به ڏنيون. اها ٿيلهي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي زماني ۾ منهنجي سواري جي پويان لٽڪيل هئي جيڪا خبر ناهي ڪٿي گم ٿي وئي.** [2]

ڪس سے ممکن ہے صفت حضرت رَسُولُ اللہ کی جب کہ خالق خود کرے مدحت رَسُولُ اللہ کی

جانور سنگ و شجر انس و مَلک عرش و فلک جانتے ہیں جیسی ہے قدرت رَسُولُ اللہ کی [3]

حڪيم جي آمد مرحبا عظيم جي آمد مرحبا

ياسين جي آمد مرحبا پياري جي آمد مرحبا

طٰهٰ جي آمد مرحبا مُزَّمِّل جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول! ٻڌو اوهان اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي برڪت سان** 21 **کجورون سڄي لشڪر پيٽ ڀري کاڌيون پر اهي کڏهن ختم نه ٿيون. اها ڳالهه جتي رسول اڪرم** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي اختيارات تي دلالت ڪري ٿي اتي هن ڳالهه تي به دلالت ڪري ٿي ته پاڻ سڳورا** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي صحابه جي حاجتن تي نظر ڪندا هئا ۽ ان جي ضرورتن جو خيال رکندا هئا.**

**اچو! اسان به پنهنجي پياري آقا** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي ميلاد جي هن موقعي تي نيت ڪريون ٿا ته ماڻهن** (بالخصوص پنهنجي قريبي رِشتيدارن) **جي ضرورتن جو خيال رکندي ايستائين جو انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.**

1... بهار شريعت،۱/۵۸بتغير

2... الخصائص الکبریٰ ، ج۲،ص۸۵، دارالکتب العلميه

3... قبالهٔ بخشش،ص300

## غريبن جي مدد ڪريو

اي عاشقانِ رسول! ڪوڙ ماڻهو پنهنجي غربت جي ڪري سياري جي موسِم ۾ گهر وارن ۽ ٻارن ٻچن جي سردي ڪان بچڻ جي لاءِ گرم لباس وغيره خريدڻ جي طاقت نٿا رکن، اهڙي ۾ جيڪڏهن اسان انهن جي مدد ڪيون ته ان ۾ اسان جي لاءِ اجرو ثواب آهي. ڪنهن شخص خواب ۾ مشهور تابعي بزرگ حضرت سيدُنا صفوان بن سُلَيم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي انهن جي زندگي ۾ ئي جنّت ۾ ڏٺو ته اهو شخص پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ملڻ لاءِ حاضر ٿيو ۽ پنهنجو خواب بيان ڪري سندن عمل جي باري ۾ پڇڻ لڳو ته ڪهڙي عمل جي سبب اوهان کي جنّت ۾ داخلو نصيب ٿيو؟ ان تي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: ان جو سبب هڪ قميص آهي جيڪا مون هڪ شخص کي پارائي هئي. ماڻهن واقعو پڇيو ته فرمايائون: سردي جي هڪ رات ۾ مسجد مان نڪتس ته هڪ شخص کي ڏٺم جنهن وٽ سردي ڪان بچڻ جي لاءِ ڪجهه نه هو، مون پنهنجي قميص لاهي ان کي پارائي ڇڏي.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن الله پاڪ اسان کي رِزق ۾ وسعت ڏني آهي ته خشڪ ميوه جات(Dry Fruits) ۽ مفيد غذائن جو پاڻ به استعمال ڪريو ۽ غريب مسلمانن جي دِلجوئي جي لاءِ انهن کي به پيش ڪريو، جيئن ته

حضرت سيدُنا ليث بن سعد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي عادت هئي ته سياري جي موسِم ۾ ماڻهن کي ٻَڪرن جي گيهه ۽ ماکي مان تيار ڪيل حلوو کارائيندا هئا.[2]

حضرت سيدُنا خواجه غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مصيبت زده ماڻهن جي فرياد ٻڌڻ ۽ انهن جو ساٿ ڏيڻ، حاجت مندن جي حاجت روائي ڪرڻ، بکايلن کي کاڌو کارائڻ، قيدين کي قيد مان ڇڏائڻ اهي ڳالهيون الله ڪريم وٽ وڏو رتبو

1... صفة الصفوة، جز:1، 106/1
2... سير اعلام النبلاء،448/7

رکن ٿيون.[1]

الله پاڪ اسان کي غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ ٻين جي تڪليفن ۾ انهن جي ڪم اچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سردي کي گرمي ۾ بدلي ڇڏيائون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مديني واري مصطفيٰ، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪومت صرف شين تي نہ هئي بلڪ سندن جي تابع تہ اها سردي ۽ گرمي بہ هئي. پاڻ سردي کي حڪم فرمائيندا هئا تہ گرمي ۾ بدلجي ويندي هئي. جيئن تہ

مُؤَذِّنِ رسولُ الله حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون هڪ سرد رات ۾ صبح جي اذان ڏني تہ ڪو بہ نماز جي لاءِ نہ آيو، مون ٻيهر اذان چئي پوءِ بہ ڪو بہ نہ آيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي بلال! ڇا معاملو آهي؟ مون عرض ڪيو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي فدا ٿين، ٿڌ انهن کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو آهي. رسولِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دعا ڪئي: ياالله! انهن کان سردي کي ختم ڪري ڇڏ. حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا تہ مون ان دعا کان پوءِ ڏٺو تہ ماڻهو پکي سان هوا وني رهيا آهن.[2]

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اختياراتِ مصطفيٰ جو ڇا چوڻ! منهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪومت جو ڇا چئجي جو پاڻ جڏهن ارادو ڪن ۽ جيئن ارادو فرمائن الله پاڪ سندن جي دعا کي قبوليت سان نوازيندو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا گهري تہ **سرديءَ کي گرميءَ ۾ بدلي ڇڏيو.** پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ئي دعا سان حضرت اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي اولاد ۾ ڪثرت ٿي، رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ئي دعا سان مديني ۾ گهڻي برسات ٿي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دعا ئي سان صحابي

1... معين الہند حضرت خواجہ معين الدين اجميری، ص 124

2... دلائل النبوة ،ج۶، ص۲۲۴، دارالکتب العلميہ

رسول ڪي ٻيهر اهڙي اک ملي جو جنهن جي روشني ٻي اک کان تمام گهٽي هئي. جڏهن اسان ڪي اهڙو ڪريم آقا، مهربان و رحيم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مليو آهي ته پوءِ اسان سندن ساراهه ڇو نه ڪيون، اسان جشنِ ولادت ڇونه ملهايون جو اهي ڪريم آهن جيڪي پنهنجي رب جا محبوب ۽ ڪائنات جي تخليق جو سبب آهن.

## دنيا ڪي پيدا نه ڪيان ها

حضرتِ سيدُنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ فرمائي ٿو: وَعِزَّتِي وَجَلَالِي لَوْلَاكَ مَا خَلَقْتُ الْجَنَّةَ لَوْلَاكَ مَا خَلَقْتُ الدُّنْيَا يعني مون ڪي پنهنجي عزت و جلال جو قسم ! اي محبوب! جيڪڏهن توهان نه هجو ها ته مان جنت پيدا نه ڪيان ها، جيڪڏهن توهان نه هجو ها ته مان دنيا پيدا نه ڪيان ها.[1]

اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي اها هستي آهن جن جي آمد جون خوشخبريون انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام ڏيندا رهيا آهن ته پوءِ اسان به ڇو نه آمدِ مصطفيٰ جا گيت ڳايون ۽ مرحبا جون صدائون لڳايون.

سيد جي آمد مرحبا — جيد جي آمد مرحبا
طيب جي آمد مرحبا — طاهر جي آمد مرحبا
حاضِر جي آمد مرحبا — ناظِر جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سردي ۽ گرمي کان بي نياز ڪري ڇڏيو

موليٰ مشڪل ڪشا، حضرت علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي لاءِ دعا فرمائي: ياالله! هن کي سردي ۽ گرمي کان بي نياز ڪري ڇڏ، فرمائن ٿا: ان ڏينهن کان پوءِ مون کي ڪڏهن نه گرمي لڳي نه سردي. پاڻ سخت گرمي ۾ ٿُلهي قبا (ويڪرو ۽ ڍڳهو لباس جيڪو ڪپڙن جي مٿان پاتو ويندو آهي) پائي ونندا

[1]... فردوس الاخبار، ۲/ ۴۵۸، حديث : ۸۰۹۵

هئا ۽ سخت سردي ۾ ﺑﻪ هلڪا ڪپڙا پائي ونندا هئا.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تمام موسم الله پاڪ جي نعمت آهن جو انهن جي تبديلي سان اسان کي طرح طرح جا فائدا حاصل ٿيندا آهن. سياري جي موسم اللهٰ پاڪ جي نعمت آهي جو گهڻ وقت ۾ گهٽيون نيڪيون ڪمائڻ جو سبب آهي. اسان جو اَسلاف سياري جي موسم جي آمد تي خوش ٿيندا هئا ۽ ان کي پنهنجي عبادتن ۾ اِضافي جو موسم قرار ڏيندا هئا.[2]

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت**! سياري جي اچڻ تي تہ ملائڪ بہ خوش ٿيندا آهن، جيئن حضرت سيدُنا قَتاده رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ! ملائڪ مؤمنن جي لاءِ سياري جي اچڻ تي خوش ٿيندا آهن، ڇوتہ ان جا ڏينهن ننڍا هئڻ جي ڪري مؤمن روزو رکندو آهي ۽ رات ڊگهي ٿيڻ جي ڪري قِيام ڪندو آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪوشش ڪريو ۽ روزا رکو، ڇوتہ سياري جا ڏينهن ننڍا هوندا آهن، موسم ٿڌو رهندو آهي جنهن جي ڪري بک ۽ اڄ جو اِحساس گهٽجي ويندو آهي، لهٰذا هن مان فائدو کڻندي ڏينهن جو نفلي روزا رکو، اسان جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: سياري جا روزا ٿڌي غنيمت آهن.[4]

هڪ ڀيري نبي اڪرم،شفيعِ معظم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن هڪ نفلي روزو رکيو، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ وڻ لڳائيندو جنهن جو ميوو ڏاڙهونءَ جيان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو اهو ماکي جهڙو مٺو ۽ خوش ذائقہ هوندو، الله پاڪ بروزِ قيامت روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.[5]

---

1... سيرتِ حلبيہ،غزوه خيبر،ج۳،ص۵۳،دارالکتب العلميہ

2... مسندُالفردوس،349/2،حديث:6808

3... الزہد لاحمد بن حنبل، ص240، رقم: 1251

4... ترمذی،210/2،حديث:797

5... معجمِ کبير، 366/18، حديث:935

## جهنّم کان پناه گھرو

ياد رکو! جهنّم ۾ جتي گرمي جو عذاب آهي اتي ٿڌاڻ جو بہ عذاب ٿيندو، لهٰذا سخت سردي ۾ جهنّم جي سردي کان بچڻ جي دُعا ڪرڻ گهرجي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: **جڏهن سخت سردي ٿيندي آهي تہ ٻانهو چوندو آهي:** لَآاِلٰهَ اِلَّا الله **اڄ ڪيترو سخت سيءُ آهي!** اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِيْ مِنْ زَمْهَرِيْرِ جَهَنَّم **يعني اي الله پاڪ! مون کي جهنّم جي زَمْهَرِير کان بچاءِ. الله پاڪ جهنّم کي فرمائيندو آهي: منهنجو ٻانهو تنهنجي زَمْهَرِير کان منهنجي پناھ ۾ اچڻ چاهي ٿو ۽ مون تنهنجي زَمْهَرِيرکان ان کي پناھ ڏني. صحابہ ڪرام** عَلَيهِمُ الرِّضْوَان **عرض ڪيو: جهنّم جي زَمْهَرِير ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: اها هڪ کڏ آهي جنهن ۾ ڪافر کي اڇلايو ويندو تہ سخت سردي** (سيءُ) **سان ان جي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا.**[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جو قرب ماڻڻ ۽ ان جي رضا حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو نفل بہ آهن انڪري بزرگ سڳورا فرضن، واجبن سان گڏوگڏ نفلن جي ڪثرت ڪندا هئا.

ٻارهين جي رات نفل پڙهڻ جون بہ فضيلتون آهن، اچو انهن مان هڪ فضيلت ٻڌون ٿا: ٻارهين جي رات جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روح پاڪ کي هديو پهچائڻ جي لاءِ ويهہ 20 رڪعت هن طرح پڙهون جو هر رڪعت ۾ سورة الفاتحہ کان پوءِ ايڪيهہ 21 ڀيرا سورة الاخلاص پڙهون، منقول آهي تہ هڪ شخص هميشہ هن طرح اها نماز پڙهندو هو ان کي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي ۽ فرمائي رهيا هئا تہ اسان توکي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندا سين.[2]

---

1...جواہر خمسہ،21

2... جواہر خمسہ،ص21

## ميلاد جي خوشي جون برڪتون

اي عاشقان رسول! يقينًا جلوس ميلاد ۾ شرڪت ڪرڻ سعادتمندي جي نشاني آهي. ۽ جشن ولادت ملهائڻ الله ڪريم جي طرفان بي شمار ديني ۽ دنياوي رحمتن ڪي ماڻڻ جو ذريعو آهي. جيئن تہ سيدنا امام عبدالرحمن ابن جوزي فرمائن ٿا: جشنِ ولادت تي خوشي ڪرڻ واري جي لاءِ اها خوشي، جهنّم کان رُڪاوٽ بڻجندي. جيڪو جشنِ ولادت جي خوشي ۾ هڪ درهم خرچ ڪري تہ رحمتِ عالم نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي شفاعت فرمائيندا، ربّ ڪريم ان کي هڪ درهم جي بدلي ڏه درهم عطا ڪندو. اي حضور جي اُمَّت! توهان جي لاءِ خوشخبري آهي توهان دنيا ۽ آخرت ۾ خيرِ ڪثير جا حقدار ٿيندا. حضرت سيدنا احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت ملهائڻ واري کي برڪت، عزت، ڀلائي ۽ فخر ملندو، موتين وارو عمامو ۽ سبز حُلّو پائي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.[1]

خوش ٿيو جو آقا جي آمد جا نعرا لڳائڻ وارا الله کي پيارا آهن ۽ محبوبِ خدا جي آمد جي خوشي ۾ مال خرچ ڪرڻ سان رزق ۾ برڪت ملندي آهي .

## جلوسِ ميلاد بابت احتياط

ياد رکو! آقا جي ميلاد جون خوشيون ملهائڻ ۽ جلوس ميلاد ۾ شرڪت ڪرڻ مستحب آهي جڏهن تہ گناهہ کان بچڻ لازم آهي تنهنڪري جلوس جي حوالي سان ڪجهہ احتياط ٻڌو:

(1) جشنِ ولادت جي خوشي ۾ جلوس ميلاد ڪڍڻ مهل بعض جڳهن تي ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو آهي ائين ڪرڻ شَرْعاً گناهہ آهي. هن سلسلي ۾ ٻہ روايتون پيشِ خدمت آهن: {١} سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مون کي ڍول ۽ بانسري ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.[2]

1... مجموع لطيف الانسى ، مولد العروس، ص٢٨١

2... فِردَوسُ الاخبار ج١ ص٢٨٣ حديث١٦١٢

{٢}حضرتِ سيدُنا ضَحاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪان روايت آهي: ڳائڻ دل کي خراب ۽ ربّ تَبارَڪ وتعاليٰ کي ناراض ڪرڻ وارو آهي.[1]

(2)...نعتِ پاڪ جي ڪيسٽ بيشڪ هلايو پر هلڪي آواز ۾ ۽ هن احتياط سان جو ڪنهن عبادت ڪرڻ واري، سُتل يا مريض وغيره کي تڪليف نہ ٿئي پڻ آذان و اوقاتِ نَماز جي بہ رِعايت ڪريو. (عورت جي آواز ۾ نعت جي ڪيسٽ نہ هلايو)

(3)..جُلوسِ ميلاد ۾ حتَّي الامڪان باوُضو رهو، **باجماعت نماز جي پابندي جو خيال رکو. عاشِقانِ رسول نَماز جي جماعت ترڪ ڪرڻ وارا نہ هوندا آهن.**

(4) جُلوسِ مِيلاد ۾ گهوڙا گاڏي (ٽانگو) ۽ اُٺ گاڏي نہ آڻيو ڇوتہ گهوڙا ۽ اُٺ جي پَيشاب ۽ لِڏ ڪان عاشِقان رسول جا ڪپڙا وغيره پليد ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي.

(5). جُلوس ۾ ”لنگرِ رسائل“ هلايو يعني مڪتبةُ المدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ مَدَني گلن جا مختلف پمفلٽ پڻ سنّتن ڀرين بيانن جي V.C.Ds وغيره خوب ورهايو، ميوا ۽ اناج وغيره تقسيم ڪرڻ ۾ بہ اڇلائڻ بدران ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيو، زمين تي ڪِرڻ وڪرڻ ۽ پيرن هيٺان لتاڙجڻ سان ان جي بي حُرمتي ٿيندي آهي.

(6) ڇڙ ڏياريندڙ نعره بازي پُروقار جُلوسِ ميلاد کي مُنتَشِر ڪري سگهي ٿي، پُر اَمن رهڻ ۾ اوهان جي پنهنجي ڀلائي آهي.

(7)...خدانخواستہ جيڪڏهن ڪٿي هلڪو ڦڙاءُ ٿئي بہ تہ جذبات ۾ اچي جوابي ڪاروائي نہ ڪيو جو هن طرح اوهان جو جلوسِ ميلاد ٽڙي ڪڙي ويندو ۽ دشمن جي مُراد پوري ٿيندي....

---

[1]... تفسيراتِ اَحمديَّہ ص ٦٠٣

غُنچے چٹکے، پُھول مہکے ہر طرف آئی بہار ہو گئی صبحِ بَہاراں عیدِ میلادُ النّبی

## هڪ هزار سال جي عبادت جو ثواب

اي عاشقانِ رسول! ٻارهن ربيع الاول جي ڏينهن روزو رکو جو حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جي ڏينهن روزو رکڻ رب ڪريم جي نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ آهي ۽ ان ۾ تمام گهڻو اجروثواب بہ آهي. خود اسان جي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجو يومِ ولادت ملهائيندا هئا. جيئن تہ حضرت اَبُو قَتَادَه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: حضور نبي رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: انهيءَ ڏينهن منهنجي وِلادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي وَحي نازِل ٿي.

هن فرمانِ عالي مان انهن ڏينهن ۾ روزن جي مستحب هئڻ ڏانهن اشارو آهي جو جن ۾ الله پاڪ جون نعمتون ٻانهن تي لهن ٿيون، هن امت تي الله پاڪ جي سڀ کان وڏي نعمت حضرت محمد مصطفيٰ احمدِ مجتبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻانهن جي لاءِ ظاهر فرمائڻ آهي. ۽ اهڙي ڏينهن روزو رکڻ تمام سٺو آهي جنهن ڏينهن ۾ الله پاڪ جي ٻانهن تي ان جون نعمتون نازل ٿينديون آهن. تنهنڪري هن مهيني ۾ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪرڻ گهرجن.

جواهر غيبي ۾ آهي تہ ٻارهن ربيع الاول جي ڏينهن جو روزو رکڻ واري کي 1000 سال جي عبادت جو ثواب ملندو آهي ۽ 5، 16 ۽ 26 ربيع الاول تي روزو رکڻ جو بہ گهڻو ثواب آهي .[1]

اي عاشقانِ رسول! ڪوشش ڪريو ٻارهين جي ڏينهن روزو رکو. ۽ پنهنجي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ايصال ڪري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

1... جواہر غیبی ،ص۶۱۷۔

والِہٖوَسَلَّمَ سان پنھنجي عشق جو اظھار فرمايو.

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰہ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 108 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي قرآن و سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ** بہ شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي. ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ 851 (اٺ سو ايڪونجاهہ) **جامعات المدينہ ۽** 4201 (چار هزار ٻہ سو هڪ)**مدارس المدينہ ۾ تقريبًا** 258947 (2لک، 58هزار947 ) **شاگرد ۽ شاگردياڻيون دِيني تعليم حاصل ڪرڻ ۽ قرآنِ ڪريم**(حفظ و ناظره) ۾ مشغول آهن، صرف هنن ٻن شعبن جا اخراجات **ڪروڙين روپيا** سالانہ آهن.

اِنْ شَآءَاللّٰہ 15 **نومبر2020** ء،28 ربيع الاول 1442ھ آچر جي ڏينهن 02:00 کان اڳئين ڏينهن صبح 05:00 بجي تائين ٽيلي ٿون (چنده/Donation جمع ڪرڻ جي مهم) جو سلسلو ٿيندو. **پاڪستاني ڪرنسي** مطابق 1 **يونٽ** 10 **هزار** روپين جو هوندو، ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ''**مدارس المدينہ وجامعات المدينہ جي قيام وانتظام جي جملہ اخراجات جي لاءِ تعاون فرمايو.**

**ٽيلي ٿون** (چندو جمع ڪرڻ جي مهم) ۾ **حصو وٺندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ دعاءِ عطار**:

15 **نومبر2020** ء،28 ربيع الاول 1442ھ **تي ٿيندڙ ٽيلي ٿون** (چندو جمع ڪرڻ جي مهم) ۾ **حصو وٺندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ اميراهلسنت ڪيتري نہ پياري دُعا فرمائي آهي**:

**دعاءِ عطار**: ياالله پاڪ! جيڪو گهٽ مان گهٽ 1 يونٽ هن ٽيلي ٿون ۾ جمع ڪرائي، ان کي ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ، بري خاتمي کان بچاءِ ۽ مرڻ وقت ان کي تنهنجي حبيب جو جلوو نصيب ٿئي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ

ڪلمو پڙهائن ۽ پنهنجي قدمن ۾ ان کي سمهارين. ياالله! هي دعا هر ان اسلامي ڀيڻ جي حق ۾ بہ قبول فرماءِ جيڪا پنهنجي محرم جي ذريعي 1 يونٽ جمع ڪرائي، يا ڪنهن طرح بہ جمع ڪرائي، سيني جي حق ۾ قبول فرماءِ. جيڪو ويچارو پاڻ نٿو ڏئي سگهي، پر ٻين کي تيار ڪري هي ڏياري، ان جي حق ۾ بہ اها دعا قبول فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ غيب نشان آهي :"آخري زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو." (المعجم الکبیر، ۲۷۹/۲۰،حدیث:۶۶۰،ملخصاً) اڄ جي دور جون تقاضائون جيڪي آهن اهي ڪنهن سان لڪيل نہ آهن. ان ڪري دِين جي ڪمن ۾ تعاون جي لاءِ پنهنجي صدقات، عطيات (چندي/ فنڊ Donation) ۽ خيرات وغيره سان تعاون فرمايو. اِنْ شَآءَ الله اوهان جو ڏنل صدقو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙ فائدن جو سبب بڻجندو.

اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِ دِين و ملّت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن فتاويٰ رضويہ جلد23، صفحي 152 تي صدقي جي فضيلتن بابت حديث مبارڪ مان حاصل ٿيل جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، انهن ۾ ڪجهہ هي بہ آهن: ❖ الله پاڪ جي حڪم سان (صدقو ڏيندڙ) بُري موت کان بچندا، سٽر دروازا بُري موت جا بند ٿيندا. ❖ ان (يعني صدقو ڏيندڙن) جون عمرون وڌنديون. ❖ (صدقو ڏيندڙن وٽ) رزق جي وسعت، مال جي گهٽائي ٿيندي، ❖ (۽ صدقو ڏيندڙ) صدقو ڏيڻ جي عادت سبب ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙ) خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) آفتون بلائون پري ٿينديون، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) بُري قضا ٽرندي، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر (70) دروازا برائي جا بند ٿيندا، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر(70) قِسم جون بلائون دور ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن سان) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ❖ رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيندڙن) جي لاءِ واجب ٿيندي. ❖ ملائڪ اُنهن (يعني صدقو ڏيندڙن) تي درود موڪليندا.

انهن جي علاوه ٻيا ٻه ڪوڙ دِيني ۽ دنياوي فائدا آهن جيڪي صدقو ڏيڻ سان حاصل ٿين ٿا. تنهنڪري اوهان پاڻ ٻه ٿيلي ٿون مهم ۾ تعاون ڪريو، پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ان ۾ يونٽ جمع ڪرايو. وڌيڪ نه هجي ته گهر جي هر فرد جي طرفان گهٽ مان گهٽ هڪ يونٽ ته ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين کي ٻه ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ٺاهي هينئر کان ان جي لاءِ رابطا شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ لاهي رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5)قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود

---

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

3...القول البدیع،الباب الاول،ص125

شريف ڪي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف ڪي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا ڪي 3 پيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴۱۵